17 آگسٽ 1988ع ۾ پاڪستان جي هوائي فوج جي هڪ جهاز C-130-B بهاولپور کان اڏام شروع ڪئي. جهاز کي اسلام آباد وڃڻو هو ۽ ان ۾ ڪيترائي اهم ماڻهو سوار هئا. جن ۾ تڏهوڪي پاڪستان صدر جنرل ضياءُ الحق سميت ڪجهه وزير، فوج جا ڪيئي وڏا آفيسر، آمريڪا ۾ مقرر پاڪستاني سفير ۽ پاڪستان ۾ مقرر آمريڪي سفير ۽ جهاز جي عملي جا فرد شامل هئا. جهازجڏهن زمين تان اٿيو تڏهن ان ۾ سوار وڏين شخصيتن منجهان ڪنهن کي به اها ڪڙڪ نه هئي ته 3:51 منٽن تي سندن ملاقات موت سان ٿيڻي آهي. سندن جهاز بهاولپور سان لڳ هڪ ڳوٺ لال ڪمال ۾ ڪري اهڙي طرح چڪنا چور ٿيو جو مسافرن منجهان هڪڙو به بچي نه سگهيو.

انا لله و انا اليه راجعون ہ



سموري دنيا ۾ ائين ٿيندو آهي ته ماڻهن جي موت سان ملاقات اوچتو ٿي ويندي آهي. ان جو ڪارڻ طوفان به ٿي سگهي ٿو ته زلزلو يا جنگ به يا وري اوچتو پيدا ٿي پونڌڙ ڪو به حادثو. اهو سڀ ڪجهه ايترو جلدي ۽ هاڃيڪار هوندو آهي جو ماڻهو کهڙي به نموني ان کان بچي نه سگهندو آهي. ڪن ماڻهن جي موت جو ڪارڻ ڪي لاعلاج بيماريون به ٿينديون آهن. لاشعوري طور اسين سڀ پنهنجو پاڻ کي مرڻ لاءِ تيار ڪري رهيا آهيون. جڏهن ته موت سدائين بنا ڪنهن اڳواٽ اعلان جي ايندو آهي ۽ ان تي ڪنهن جو به وس نه ٿو هلي.

ڪي ماڻهو گهڻو وقت جيئڻ لاءِ مختلف حيلا ڪندا رهندا آهن. جهڙوڪ: اهي سگريٽ ۽ نشو ڇڏي ڏيندا آهن يا جسماني ورزشون ڪندا آهن رڪ واري ماني کائيندا آهن. اسين موت جو ڪيڏو به انڪار ڪيون ۽ ان کان لنوايون پر موت اٽل آهي جيڪو نيٺ هڪڙي ڏينهن اچڻو آهي. ڪي ماڻهو ته موت جي باري ۾ بلڪل نه سوچيندا آهن. خاص ڪري

تڏهن جڏهن سندن زندگيءَ ۾ ڪا تڪليف، ڪو مسئلو ۽ ڪو ڏک نہ هجي. انهن وٽ ڪائڻ پيئڻ لاءِ بہ سڀ ڪجهہ موجود آهي. ڪاروباري لحاظ کان بہ سندن مستقبل محفوظ آهي. گهر ۾ بہ ڪنهن پريشاني ۽ مسئلي جو ڪو وجود نہ اٿن ۽ سماج ۾ بہ ڪين وڏو مقام حاصل آهي تہ اهڙي صورتحال ۾ موت سندن ذهن کان ڪوهين ڏور هوندو آهي، جڏهن تہ موت جو اثر نہ رڳو بيمار ۽ ڪراڙن تي هوندو آهي پر صحت مند ۽ نوجوان ماڻهو بہ اوچتو موت جي چنبي ۾ ڦاسي وڃن ٿا. ماڻهن جو واسطو پل ڪيتري بہ مٿئين يا هيٺئين طبقي سان هجي، موت سيني لاءِ برابر آهي.

الله تعاليٰ کي پورو پورو اختيار آهي تہ هو اسان کي جنت ۾ موڪلي يا دوزخ ۾ وجهي. اها سندس مرضي ۽ مشيت آهي، ان جو نالو "الرحمان الرحيم": (رحم وارو ۽ ٻاجهارو) آهي. خدا اسانکي تنبيهہ ڪئي آهي تہ اسين پنهنجو پاڻ کي موت ۽ قيامت لاءِ تيار ڪيون. سڀني ماڻهن کي



نيٺ مرڻو آهي ۽ قيامت ۾ پنهنجي عملن جو حساب ڪتاب ڏيڻو اٿن. ان ڪري خدا چاهي ٿو تہ انسان هر وقت تيار رهي ۽ اهڙو ماڻهو جيڪو موت ۽ قيامت لاءِ هر وقت تيار آهي اهو اهوئي آهي جيڪو "صراط مستقيم" تي هلي ٿو ۽ ان کي ئي الله تعاليٰ ايمان ۽ سڪون جي دولت سان نوازي ٿو.

**فاني دنيا:** هيءَ دنيا عارضي ۽ فاني آهي. هيءَ زندگي ۽ دنيا جي سموري خوشحالي پاڻيءَ جي بوٽين وانگي آهي جيڪا گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾ گم ٿي وڃي ٿي. اسان جي زندگيءَ جي عمر هن دنيا کان وڏي آهي ۽ اهميت جوڳي بہ. اسان جي زندگي دنيا کان وڌيڪ پائدار آهي. ڇاڪاڻ تہ هيءَ زندگي اسانکي ان ذات کان ملي آهي جيڪا لافاني آهي.

گهڻا ماڻهو رڳو دنيا جي خوشين خاطر جيئندا رهن ٿا. اسين دنيا جي ڪم ڪارين ۽ دولت ڪٺي ڪرڻ ۾ مصروف رهون ٿا يا وري ڪن ٻين دلچسپين ۽ مشغلن ۾ رڌل رهون ٿا جيڪي تمام جلد مزو وڃائي ويهن ٿا. اسان کي پوءِ پتو پوندو

آهي تہ اهي رونقون ختم ٿي ويون آهن ۽ اسان زندگيءَ جو مقصد وڃائي ويهندا آهيون شيطان بہ اسانکي اهڙا ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪندو رهندو آهي. شيطان چاهي ٿو تہ اسين گناهن ۾ جڪڙجي پنهنجون زندگيون وڃائي ويهون ۽ هميشہ لاءِ جهنم ۾ سڙندا رهون. اها حقيقت آهي تہ دنيا جي خوشين ڪان دنيا جون تڪليفون ۽ ڏک تمام سخت، گهڻا ۽ وڏا آهن. اسين اهو وساري ويهون ٿا تہ اسانکي نيٺ ان مالڪ حقيقي ڏي موٽي هلڻو آهي جيڪو اسانجي جان جو مالڪ آهي. اسين مايوس ٿي زندگيءَ جو مقصد وڃائي ويهندا آهيون. نتيجي ۾ هر طرف انارڪي ۽ ويڳاڻپ ڦهلجي ويندي آهي.

الله تعاليٰ سدائين اسانجي رهنمائي ڪندو رهي ٿو تہ جيئن اسين سمجهون تہ سچي خوشي ڇا آهي جڏهن اسين خدا جي رهنمائيءَ مطابق زندگي گذاريون ٿا تڏهن اسانکي هن دنيا ۾ پنهجو پاڻ تي ڪنٽرول حاصل ٿئي ٿو. جڏهن اسين



الله تعاليٰ جي ڏسيل واٽ (صراط مستقيم) تي هلون ٿا تڏهن اسان کي پتو پوي ٿو تہ اسانجون زندگيون گناهن کان پاڪ ڪيون ويون آهن تہ جيئن اسين جنت ۾ وڃڻ جهڙا ٿي پئون جتي گناہ جو ڪوئي وجود ڪونهي. جتي نہ ڏک آهي نہ روڄ راڙو نہ ٿڪ.

قيامت ڪان پوءِ ماڻهوءَ جي روح لاءِ بہ جايون مقرر آهن هڪ جنت ٻي جهنم. انهن ٻنهي جاين منجهان جنهن ۾ بہ وڃڻ لاءِ هڪڙو دفعو فيصلو ٿي ويو تہ پوءِ اسان پنهنجي مرضيءَ سان نہ ان کي تبديل ٿا ڪري سگهون ۽ نہ ئي ان جاءِ منجهان ٻاهر نڪري سگهون ٿا. اسان کي اتي يڪو رهڻو پوندو. پر اسان چاهيون تہ مرڻ کان پهريان انهن ٻنهي منجهان ڪابہ هڪڙي جاءِ پنهنجي لاءِ چونڊي سگهون ٿا. توهان پنهنجي رهڻ لاءِ انهن ٻنهي جاين منجهان ڪهڙي لاڦاني جاءِ چونڊيندؤ؟

**جنت:** جنت هڪ انتهائي خوبصورت جڳهہ آهي ۽ يڪو رهڻ لاءِ مناسب ۽ سڀ کان وڌيڪ بهتر.

ان جي چوڌاري زبردست باغ آهن جتي سريلا آواز آهن ۽ جتان جو ماحول تمام پلو ۽ پيارو آهي. اهي ماڻهو جن جو ايمان الله تعاليٰ تي آهي اهي چڱڪارو ماڻي جنت ۾ وڃي رهن ٿا ۽ گناهن جي گندگيءَ کان پاڪ ڪيا وڃن ٿا. اتي رڳو خوشيون آهن ۽ سدائين الله تعاليٰ جو حمد ۽ ثنا بيان ڪئي وڃي ٿي جنهن اسانجي زندگيءَ منجهان ڏکن ۽ مصيبتن کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو آهي. اسانجو ذهن جنت کي مڪمل طرح سمجهي نه ٿو سگهي ۽ نه ئي مڪمل طرح جنت جي سونهن کي بيان ڪري سگهجي ٿو پر اسين چاٿون ٿا، ته جيڪي ماڻهو دل ۽ جان سان ا لله تعاليٰ جي حڪمن جي پيروي ڪن ٿا ۽ ان جي ڏسيل واٽ تي هلن ٿا. جنت انهن کي ئي ملندي.

جنت جي متعلق خدا فرمايو آهي:

"مگر جن توبهه ڪئي" ۽ ايمان آندائون ۽ چڱا ڪم ڪيائون ته اهي ماڻهو جنت ۾ ويندا ۽ انهن کي ڪوبه نقصان نه ڏنو ويندو. رهڻ جا باغ جن جو واعدو الله پنهنجي ٻانهن سان غيب ۾ ڪيو. بيشڪ ان جو واعدو اچڻ وارو آهي." (مريم 61.60)



دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامل ۽ عزتدار هستيءَ جو تعارف هيئن بيان ٿيل آهي:

"جنهنجو نالو آهي مسيح عيسيٰ پٽ مريم جو مهاندي وارو هوندو دنيا ۽ آخرت ۾ (مرتبي ۽ دٻدٻي جو مالڪ) ۽ (الله جي بارگاهه ۾) قرب وارو." (آل عمران 45)

**جهنم:** جهنم انتهائي بڇڙي ۽ اذيت ناڪ جڳهه آهي جيئن ته جهنمي ماڻهن جو کاڌو، پيتو ۽ لباس باهه منجهان ٺهيل آهي ان ڪري جهنمي ماڻهو هڪ ڏکي ۽ نه ڪٽندڙ تڪليف ۾ ڦاٿل رهندا. جهنم ۾ چوڌاري باهه ئي باهه آهي جاڏي ڪاڏي ڪارو دونهون ۽ اوندهه انڌوڪار آهي. ان افسوسناڪ جڳهه ۾ اکيون انڌيون، ڪن ٻوڙا ۽ زبانون گونگيون ٿي وينديون. ايڏي وڏي عذاب ۽ تڪليف هجڻ جي باوجود به جهنمي ماڻهو مري نه ويندا. سندن ڇوٽڪاري جي ڪائي واهه نه هوندي. پهرئين ماڻهو (حضرت آدم ع) جي پيدائش کان وٺي سمورا ماڻهو شيطان جي گمراهيءَ جو شڪار ٿيا آهن ۽

اهي گناه جي ڪري جهنم جهڙي اذيت ناڪ جڳهه جي سزا جا لائق بڻيا. الله تعاليٰ گناهگارن جي سزا جو بيان هن ريت ڪيو آهي:

"انهن جي پٺيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق آيا جن نمازون وڃايون ۽ پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳا پوءِ عنقريب اهي غي (انتهائي گرم) جهنم جو جهنگ ڏسندا. (ان ۾ پوندا) (مريم 59)

**صراط مستقيم (جنت جي واٽ)**

اسين سڀ ڄاڻون ٿا ته اهي ماڻهو جيڪي خدا جي قائم ڪيل دين جي پيروي ڪن ٿا ۽ جيڪي سؤ سيڪڙو ڪامل ۽ ايماندار آهن اهي ئي جنت ۾ وڃي سگهندا. ڇا توهان سوچيو آهي ته اسان منجهان ڪيترا اهڙا آهن جيڪي سؤ سيڪڙو مذهبي احڪامن جا پابند آهن ۽ نيڪ ۽ سچار هوندي به خيرات ڪن ٿا؟ اسان منجهان ڪيترن وٽ اها قوت آهي ته اسين جنت ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ محبت، فرمانبرداري ۽ خيرات جو اهو معيار حاصل ڪريون جنهن جي اسان کي ضرورت آهي؟



اسين ڇا ڪريون جنهن کان پوءِ اسان کي پڪ ٿي وڃي ته اسين جنت ۾ ويندا سون؟ ڇا ڪو اهڙو پيمانو آهي جيڪو اسان کي يقين ڏياري سگهي ته اسين جنت ۾ داخل ٿي سگهون ٿا؟ ڪوبه ڪونهي. نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو پريشاني، شڪ شبهي، وهم وسوسي ۽ بدتر جو شڪار آهن. جيئن ته اهي سؤ سيڪڙو ڪامل نه آهن. تنهن ڪري دل سان عبادتون ۽ خير خيراتون ڪرڻ جي باوجود به اهي بي يقينيءَ واري مصيبت ۾ ڦاٿل آهن.

صدين کان الله تعاليٰ اسانکي سيکاريندو اچي ٿو ته اسين هميشه دعا گهرندا رهون ته اي خدا! اسان کي سڌو رستو ڏيکار. ارشاد رباني آهي:

"اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ" (فاتحه 5)

ٻي هنڌ فرمائي ٿو: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄندا رهو ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو." المائده35)

**ڇا توهان ان رستي ۽ وسيلي کان واقف آهيو؟**

جيئن ته الله تعاليٰ وڏو مهربان ۽ رحم ڪندڙ آهي ان ڪري هو اسان کي ياد ڏياري ٿو ۽

قرآن شريف ۾ ٻڌائي ٿو تہ اسين ڪيئن جنت ۾ داخل ٿي سگهون ٿا. اڃو تہ ان سلسلي ۾ ڪجهہ آيتون پڙهي ڏسون.

1. "۽ جڏهن عيسيٰ روشن نشانيون کڻي آيو تہ چيائين مان توهان وٽ حڪمت کڻي آيو آهيان ۽ ان لاءِ تہ جيئن توهان کي ڪجهہ اهي ڳالهيون ٻڌايان جن ۾ اختلاف ڪندا هيئو پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجا حڪم مڃو. بيشڪ الله منهنجو ۽ توهان جو رب آهي پوءِ انهيءَ جي عبادت ڪريو. اها سڌي واٽ آهي". (الزخرف 64.63)

2. "هي آهي عيسيٰ مريم جو پٽ. سچي ڳالهہ جنهن ۾ شڪ ڪندا آهن". (مريم 34)

3. "مسيح عيسيٰ پٽ مريم جو الله جو رسول ۽ ڪلمو ئي آهي." (النسآء 171)

4. " ۽ ان عورت کي (ياد ڪريو) جنهن پنهنجي پاڪ دامني محفوظ رکي پوءِ اسان ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو ۽ ان کي ۽ ان جي پٽ کي سموري جهان لاءِ نشاني بڻايو." (الانبيآء 91)



5. "۽ اها ئي سلامتي مون تي جنهن ڏينهن مان پيدا ٿيس ۽ جنهن ڏينهن مران ۽ جنهن ڏينهن جيئرو اٿاريو وڃان" (مريم 33)

6. "الله فرمايو اي عيسيٰ! مان توکي پوري عمر تائين پهچائيندس ۽ توکي پنهنجي طرف کڻي وٺندس ۽ توکي ڪافرن کان پاڪ ڪندس ۽ تنهنجي پيروي ڪندڙن کي قيامت تائين تنهنجي منڪرن تي غلبو ڏيندس" (آل عمران 55)

7. "۽ مان شفا ڏيندو آهيان مادرزاد انڌي کي ۽ ڪوڙهہ واري کي ۽ مان الله جي حڪم سان مئل جياريندو آهيان". (آل عمران 49)

8. " ۽ جڏهن تو مردن کي منهنجي حڪم سان زنده ڪري قبر مان ڪڍيو" (المائدہ 110)

9. "۽ اسان مريم جي پٽ عيسيٰ کي چٽيون نشانيون ڏنيون ۽ پاڪ روح سان ان جي مدد ڪئي". (البقرہ 253)

10. " ۽ ڪوبہ ڪتابي (اهل ڪتاب) اهڙو نہ آهي جيڪو پنهنجي مرڻ کان اڳ ان (عيسيٰ) تي

ايمان نہ آڻي ۽ قيامت جي ڏينهن اهو (عيسيٰ) ان تي شاهدي ڏيندو." (النساء 159)

11. "توهان فرمايو اي ڪتابيو (اهل الڪتاب) توهان تيستائين ڪجهہ بہ نہ آهيو جيستائين ان کي قائم نہ ٿا ڪريو جيڪو خدا جي طرفان توهان ڏي لٿو آهي" (پنهنجي الهامي ڪتابن تي ايمان ۽ عمل رکو) (المائدة 68)

12. " ۽ ياد ڪريو جڏهن ملائڪن چيو تہ اي مريم! الله تعاليٰ پنهنجي طرفان توکي هڪ ڪلمي جي خوشخبري ڏئي ٿو جنهن جو نالو آهي مسيح عيسيٰ مريم جو پٽ مهانڊي وارو هوندو دنيا ۽ آخرت ۾ (مرتبي ۽ دٻدٻي جو مالڪ) ۽ (الله جي بارگاهہ ۾) قرب وارو." (آل عمران 45)

حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي ٻنهي جهانن ۾ جيڪو اختيار ڏنو ويو آهي ان جي شاهدي اوهان قرآن شريف جي ڪيترين ئي آيتن منجهان پڙهي معلوم ڪري چڪا آهيو ان ڪانسواءِ اوهان اهو بہ جاتو آهي تہ الله تعاليٰ وٽ سندس مان ۽ مرتبو



ڇا آهي. اصل ۾ عيسيٰ المسيح ئي صراط مستقيم آهي. قرآن شريف بہ ٻڌائي ٿو تہ عيسيٰ عليہ السلام کي مڃيندڙ ۽ سندس پيروي ڪندڙن جو درجو ٻي دينن کان وڏيڪ آهي. هاڻي اسين آسانيءَ سان چئي سگهون ٿا تہ حضرت عيسيٰ المسيح عليہ السلام تي ايمان آڻڻ کان پوءِ ئي اسان جنت جا حقدار بڻجي سگهون ٿا. جيڪڏهن توهان حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو شان معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا تہ قرآن شريف کي ترجمي سان پڙهو اهو توهان کي چٽي نموني ٻڌائيندو. جيڪڏهن ملڪ جو صدر توهان کي پنهنجي ايوان ۾ اچڻ جي دعوت ڏئي تہ توهان کي ضرور پڪ ٿي ويندي تہ اوهان ايوان صدر ۾ وڃي سگهندؤ. ڇا ڪاڻ تہ توهان صدر صاحب جي سڏ تي آيا آهيو ۽ پوري ايوان تي صدر جو پور پورو اختيار آهي. ساڳئي وقت جيڪڏهن ڪو وفاقي وزير توهان کي اها دعوت ڏئي تہ توهان وڃڻ مهل ضرور ٿورو سوچيندؤ ۽ گهٻرائيندؤ ڇو تہ وزير محترم کي ايوان صدر جي هر حصي تي اختيار نہ هوندو آهي. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ وڏي رقم ۽ توانائي وڃائڻ ڪانپوءِ بہ توهان کي

ايوان صدر ۾ داخل ٿيڻ جي موڪل نہ ملي. مگر
عيسيٰ المسيح عليہ السلام کي الله تعاليٰ زمين ۽
آسمان جو اختيار ڏئي ڇڏيو آهي ۽ ڪيس زمين ۽
آسمان (جيڪي ڪنهن ايوان صدر جيان آهن.) جي
سڀ کان وڏي ۽ عظمتن ڀري مقدس شخصيت هجڻ
جو اعزاز بخشيو آهي ان بلند و بالا اعزاز جي ڪري
ئي حضرت عيسيٰ عليہ السلام فرمايو تہ سيني
ماڻهن لاءِ صراط مستقيم (سنئين واٽ) مان ئي
آهيان. تنهن ڪري حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي
فرمانبرداري ڪري اسين پاڻ کي جنتي هجڻ جو
يقين ڏياري سگهون ٿا. ان ڪري اوهان کي گذارش
آهي تہ اوهان ان الاهي سڏ کي لبيڪ چوندي مڪمل
ايمان سان حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي حڪمن
جي پيروي ڪريو ائين ڪرڻ ڪانپوءِ يقينن اوهان
جنت جا حقدار بڻجي ويندؤ. ٿي سگهي ٿو تہ اسان
خدا تعاليٰ جي ڏنل دين بدران ماڻهن جي ناهيل
ريتن رسمن واري دين کي قبوليو هجي. ائين بہ ٿي
سگهي ٿو تہ اسان گهٽيون ڳالهيون سمجهيون ٿي نہ



هجن. اسان سيني کي ان ڇٽي معجزي جي ضرورت
آهي جيڪو الله تعاليٰ اسان کي حضرت عيسيٰ عليہ
السلام جي ذريعي ڏنو آهي. اڄو تہ گڏجي هر ان
رستي ۽ دين جي مخالفت ڪريون جنهن جو ذڪر
ڪلام الله شريف ۾ نہ آهي. حضرت عيسيٰ جي
زندگي، ڪردار ۽ معجزن کان واقف ٿيڻ لاءِ انجيل
مقدس کي پڙهڻ گهرجي. حضرت عيسيٰ عليہ
السلام جا ڇٽا معجزا شيطاني شعبده بازين ۽
ڪوڙ تان پردو کڻن ٿا. اهي معجزا الله تعاليٰ جي
سچي رستن کي نروار ڪن ٿا. حضرت عيسيٰ روح
الله انساني روايتن جي رياڪاري ۽ ڪوڪلاڻپ
کي پڌرو ڪري ٿو. اهي ماڻهو جيڪي حضرت
عيسيٰ ڪلمتہ الله جي فرمانبرداري ڪرڻ لاءِ ٻين
رستن کي رد ڪن ٿا سي خدا تعاليٰ جي طرفان
فضل ڀري رهنمائيءَ جي پيروي ڪن ٿا. اهي موت
۽ قيامت لاءِ سدائين تيار هوندا آهن. انهن وٽ
جنت ۾ وڃڻ جي ٽڪيٽ هوندي آهي. اهي هاڻي
گناهہ کان آجا آهن ڇا ڪاڻ تہ انهن کي انساني
رهنمائي ۽ پنهنجي محدود نيڪين جو نہ پر ان
عظيم ۽ اعليٰ مرتبي واري هستيءَ جو آسرو آهي

خير قرآن ۾ بار بار اچي ٿو.

اسان جي ذميواري اها آهي تہ اسين بنياد پرستي، شدت پسندي، فرقہ پرستي، مار ڌاڙ ۽ چشم پوشي (سچ کان) کي ڇڏي ڪلمتہ الله ۽ روح الله حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي ايمان آڻيون ۽ ان جي حڪمن کي مڪمل طور مڃيون تڏهن ئي اسين ڄتو پڌرو صراط مستقيم (سڌو رستو) ڏسي سگهنداسين ۽ ڪامل يقين سان ان تي هلڻ لاءِ تيار ٿينداسين.

**ڇا اسان صراط مستقيم (سڌي رستي) کانسواءِ ٻين رستن کي ٺڪرايو آهي؟**

ڇا اسان ان معجزاتي ڪلام جي روشنيءَ ۾ اچي ويا آهيون جيڪو الله تبارڪ وتعاليٰ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ذريعي اسان سان ڪيو آهي؟ جڏهن اسين حضرت عيسيٰ ۽ ٻين پيغمبرن جي ڄڻن معجزن تي ايمان آڻيون ٿا تہ اسين محفوظ ٿي وڃون ٿا. اهڙو تحفظ اسان کي الله تعاليٰ جي وڏايل هٿ هيٺ ئي ملي سگهي ٿو. حضرت عيسيٰ روح الله هجڻ ڪري هر طرح جي پليتيءَ کان پاڪ هيو. اسين صرف ان پاڪائيءَ ۾ الله تعاليٰ سان رابطو ڪري سگهون ٿا جيڪو پاڻ بہ پاڪ آهي. روح الله هجڻ ڪري حضرت عيسيٰ الله تعاليٰ جي شفا ڏيڻ واري قدرت جي ذريعي رحم ڪندي



ڪيترن ئي بيمارن کي شفا ڏني. هو بالڪل پروسي جوڳو آهي ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ جي طرفان آيو آهي. اهوئي آهي جيڪو هن ڏوکي باز ۽ ڪوڙي دنيا ۾ سڀ کان وڏو سچ آهي. ان جي طرفان اسانجو تحفظ ڪوڪلو ناهي ڇاڪاڻ تہ هو آزمائشن منجهان پاس ٿي نڪتو ۽ ايتري تائين جو انساني روپ ۾ تمام وڏين تڪليفن ۾ بہ هو مطمئن رهيو. تڏهن تہ ان مهل بہ هن فرمايو هئو: "سلامتي آهي مون تي جنهن ڏينهن مان پيدا ٿيس ۽ جنهن ڏينهن مرندس ۽ جيئرو اٿاريو ويندس" (مريم 33)

جيڪڏهن اسان بہ زندگي ۽ موت لاءِ مقرر ڪيل ان الاهي معجزي ۽ نشان کي قبول ڪيون ٿا تہ اهو اڻ کٽ اطمينان اسان کي بہ حاصل ٿي سگهي ٿو.

**آخري ڳالھہ:** اسان قرآن پاڪ جي مطالعي ۽ عقلمنديءَ سان ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ اسان حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي زندگي، قرباني ۽ آسمان ڏانهن هليو وڃڻ تي شڪ نہ ڪري ڪيپي. جيڪڏهن اسين سندس متعلق ايترو ڪجھہ معلوم ڪرڻ کانپوءِ بہ لنوائينداسين ۽ مٿس ايمان آڻڻ کان ڪيٻائينداسين تہ الله تعاليٰ اسان کي هرگزمعاف نہ ڪندو نہ ئي اسان جنت ۽ ابدي زندگيءَ جا حقدار

بڌاسون.اها بہ حقيقت آهي تہ ڪابہ ٿيوري پنهنجي پريڪٽيڪل کان سواءِ اڌوري آهي يعني تابعداري ۽ عمل کانسواءِ رڳو لفاظيءَ جي حد تائين ايمان آڻڻ بہ ڇوٽڪاري جي علامت ڪونهي. آخر ۾ اچو تہ گڏجي ان قادر مطلق جي در تي ٻاڏايون ۽ دعا گھرون. جنهن فرمايو آهي "مونکان گھرو تہ ڏيانو".

**دعا:**

اي آسمانن ۽ زمين جا زنده ۽ سچا رب! تون ئي اسان جو خالق ۽ مالڪ آهين. اسين تنهنجي سمورين نعمتن جي عيوض تنهنجو شڪر ڪريون ٿا. اي خدا! ان لاءِ بہ تنهنجو شڪر ڪريون ٿا تہ تو اسان کي سڌو رستو ڏيکاريو آهي. اي اسانجا رب! تون چڱي طرح ڄاڻين ٿو تہ اسان گنهگار آهيون ۽ گناهہ جي ڪري اونده ۾ ڀٽڪي رهيا آهيون. اي خدا! تون اسان جي حال تي رحم ڪر ۽ اسان جا سڀ گناهہ معاف ڪر. اي ڌڻي! اسان کي توفيق ڏي تہ سڌي رستي تي هلندا رهون جيڪو جنت ۽ تنهنجي پياري عليہ السلام جو رستو آهي. اسان کي توفيق ڏي اي رب! تہ جيئن بي دينن گمراهن ۽ جن تي تنهنجو غضب ۽ قهر آهي تن کان پاسو ڪريون. اي قدوس!



اسان کي سچائي سمجهڻ ۽ ان کي قبول ڪرڻ جي جرت ۽ همت عطا ڪر. اسان کي توفيق ڏي تہ انهن سڀني شيطاني رستن کان بچون جيڪي اسان کي توکان پري ڪن ٿا. اسان کي ايماني طاقت ۽ قوت سان نواز تہ جيئن تنهنجي رستي تي هلڻ ۾ گھٻراهٽ محسوس نہ ڪريون. اي ذوالجلال! آنءُ حضرت عيسيٰ عليہ السلام، سڀني سچار نبين ۽ تنهنجي طرفان موڪليل الهامي ڪتابن تي ايمان آڻيان ٿو. اي خدا! مونکي ان ايمان ۾ قبول فرماءِ. آمين يا رب العالمين.

ڇا اوهان حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي زندگي، ڪردار، شان ۽ معجزن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا؟

جيڪڏهن توهان جو جواب ها ۾ آهي تہ ان سلسلي ۾ قرآن شريف ۽ انجيل مقدس اوهان جي مدد ڪري سگھن ٿا ۽ جيڪڏهن توهان کي اسان جي مدد جي ضرورت پوي يا اسان سان رابطو ڪرڻ چاهيو تہ اسان کي هن ايڊريس تي خط لکو.

**پوسٽ باڪس نمبر: 41 جنرل پوسٽ آفيس لاڙڪاڻو سنڌ**
**ڪوڊ نمبر: 77150**

نوٽ: قرآني آيتن جو ترجمو ڪنزالايمان تان ڏسي لکيو ويو